INFORMED CONSENT FORM FOR ENROLLMENT IN THE STUDY

مطالعي ۾ شرڪت ڪرڻ جي لاءِ راضي نامو

| | |
|---|---|
| Project Title: **Percentage decline in pneumococcal carriage and change in serotype distribution after a switch from PCV10 to PCV13 in infants in a rural site in Matiari.** | Project ID: |
| Sponsor: BMGF | ERC Ref # |
| Principal Investigator: Dr. M Imran Nisar | Organization: Department of Paediatrics & Child Health, Aga Khan University, Karachi, Pakistan |
| Project Location: Matiari | Phone: 021-4864354 |

Matiari Research & Training Centre

هي راضي نامي جو دستاويز انهن  والدين جي لاءِ آهي جن جي ننڍن ٻارن کي هن تحقيقي مطالعي ۾ شرڪت ڪرڻ جي دعوت ڏني وئي  آهي. هن مطالعي ۾ ٻار جي معلومات ۽ نڪ جي بلغم جو نمونو ورتو ويندو جيڪو تازو متعارف ڪرايل نمونيا جي ويڪسين جي فائدن کي جاچڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو.

**<u>حصو پهريون: معلومات جي شيٽ</u>**

آئون ________________ آغا خان يونيورسٽي ، ڪراچي، پاڪستان، جي ٻارن جي شعبي جي لاءِ ڪم ڪري رهي /رهيو آهيان. آئون ۽ منهنجو تحقيقي عملو هڪ تحقيق ڪري رهيا آهيون جنهن ۾ اسين توهان جي ڳوٺ جا ٻن سالن جي عمر جي اندر ايندڙ ٻارن جي صحت جي باري ۾ معلومات حاصل ڪنداسين.

توهان جي شرڪت رضاڪاراڻا آهي ۽ توهان بغير ڪنهن ڏنڊ جي، ڪنهن بہ وقت هن تحقيق ۾ شامل ٿيڻ کان انڪار ڪري سگهو ٿا يا راضي نامي تان دستبردار ٿي سگهو ٿا. ڪو بہ فيصلو ڪرڻ کان پهرين، توهان جنهن سان بہ مناسب سمجهو تحقيق جي باري ڳالهائي سگهو ٿا. جيڪڏهن اهڙو ڪجھ آهي جيڪو توهان کي سمجھ ۾ نہ آيو آهي تہ مهرباني ڪري ڪنهن بہ وقت مونکان  پڇو آئون توهان کي وضاحت ڪندس. هن راضي نامي جي هڪ ڪاپي والدين کي مهيا ڪئي ويندي. هن تحقيق ۾ شرڪت جو دورانيو اٽڪل 35 منٽ هوندو.

**تحقيق جو مقصد :**

پاڪستان ۾، ننڍا ٻار اڪثر ڪري بيمارين جو شڪار ٿين ٿا جنهن جي نتيجي ۾ موت بہ ٿي سگهي ٿي. جڏهن تہ انهن بيمارين کي ٽُڪن جي ذريعي روڪي سگهجي ٿو. تنهنڪري، اسين انهن ٻارن ۾ ٿيندڙ ڇاتي جي بيماري (نمونيا) جي باري ۾ معلومات جي لاءِ خاص طور تي دلچسپي رکون ٿا. توهان کي خبر هوندي تہ تازو ئي پاڪستان